# پاڪستان ڪورونا وائرس سِوڪ ايڪٽ مهم

اپريل 2022 - بُليٽن نمبر 7



ملڪ ۾ ڪرونا وائرس جي مسلسل پکڙجڻ کي منهن ڏيڻ لاءِ احتساب ليب پاڪستان سِوا ايڪٽس مهم تحت ڪرونا وائرس بابت غلط خبرن، افواهن ۽ غلط معلومات کي روڪڻ لاءِ ضلعي حڪومتن ۽ ڪميونٽي ورڪرن (رضاڪارن جو هڪ نيٽ ورڪ) سان گڏجي ڪم ڪري رهي آهي. اوپن سوسائٽي فائونڊيشن اداري جي سهڪار سان، سِوا ايڪٽس مهم ڪورونا وائرس جي انگن اکرن تي حقيقتون ڳولڻ ۽ معلومات مهيا ڪري ٿي. اهي هفتيوار بليٽين ۽ سوشل ميڊيا جي ذريعي معلومات ۽ عوامي راءِ فراهم ڪن ٿا. شهرين ۾ ڪرونا وائرس کان بچاءُ بابت آگاهي پيدا ڪرڻ انهن خبرن کي مختلف پنجن ٻولين ۾ ترجمو ڪيو وڃي ٿو: انگريزي، اردو، پشتو (آڊيو)، پنجابي (آڊيو) ۽ سنڌي. اهي بليٽين آن لائن ۽ آف لائن عوام، سرڪاري کاتن، ترقياتي ادارن، سماجي ۽ انساني تنظيمن ادارن جي ڪارڪن سان سان ونڊيا ويندا آهن.

هن مهم ۾ ڪرونا وائرس جي متعلق حڪومتي فيصلن، ويڪسينيشن مهم، ڪميونٽي جا ردعمل ۽ تحفظات کي بہ شامل ڪيو ويو آهي. هن مهم جو مقصد سماج جي سڀ کان وڌيڪ ڪمزور طبقن ۾ شعور اجاگر ڪرڻ آهي، جن ۾ عورتون، نوجوان، نسلي ۽ مذهبي اقليتون، خواجہ سرا ۽ معذور ماڻهو شامل آهن. مهم جي موجوده مرحلي ۾، احتساب ليب مقامي عورتن جي ڪميونٽي اڳواڻن کي پڻ شامل ڪيو آهي ۽ انهن جي تربيت ذريعي انهن جي صلاحيتن ۾ اضافو ڪري رهي آهي ۽ ڪرونا وائرس بابت غلط خبرن ۽ غلط معلومات جي ڦهلاءَ کي روڪڻ لاءِ فعال ڪردار ادا ڪري رهي آهي ۽ ڪورونا وائرس سان جڙيل اهڙن مسئلن بابت انهن حقيقتن کان آگاهہ ڪرڻ آهي.


## اِس ہفتے کے بلیٹن میں جانئے

01 ڪورونا وائرس کے متعلق حقائق

02 ڪورونا وائرس اپڈیٹس


03 ڪورونا وائرس معلومات

04 ڪورونا وائرس کي ٽوڙڻ لاءِ مختلف ملڪن جون ڪوششون ۽ متاثر ڪندڙ حڪمت عمليون

# کورونا وائرس
## کے متعلق حقائق



**چا توهان کي کرونا وائرس جي نئين قسم ڊيلٽا کرون بابت پريشان ٿيڻ گهرجي؟**




ورلڊ هيلٿ آرگنائيزيشن پاران تصديق ٿيل کرونا وائرس جي نئين قسم ڊيلٽا کرون (DeltaCrone) ماڻهن ۾ پريشاني پيدا ڪري ڇڏي آهي ۽ ماڻهن کي حيران ڪري ڇڏيو آهي ته اهو انساني صحت لاءِ ڪيترو خطرناڪ ثابت ٿي سگهي ٿو. ڊيلٽا کرون متعلق ڪيل مختلف مطالعي ۽ تحقيق مان معلوم ٿيو آهي ته هن قسم جي باري ۾ فوري طور تي عوام کي وڌيڪ پريشان ٿيڻ جي ضرورت ناهي.

تحقيق ڏيکاري ٿي ته ڊيلٽا کرون جي ڪيسن جو تعداد تمام ننڍڙو آهي ۽ اهي ڪيس ايترا سنجيده نه آهن. ڪرونا جي ڊيلٽا ۽ اوميڪرون جهڙن ٻين وائرسن جي مقابلي ۾ هي هڪ نئون وائرس ايتري تيزيءَ سان پکڙجي نٿو. ماهرن موجب ڇاڪاڻ ته ان جا اثر ماڻهن لاءِ گهٽو نقصانڪار ناهن، ان ڪري پريشان ٿيڻ جي ضرورت ناهي. پر ساڳئي وقت، ماهرن وائرس جي نئين قسم جي ترقي تي نظر رکڻ لاءِ زور ڏئي رهيا آهن. ڊيلٽا کرون کان بچڻ جي لاءِ ڊيلٽا ۽ اوميڪرن جي الڳ الڳ ويڪسين توهان کي وائرس کان بچائي سگهن ٿيون.

Source: Deseret


## کورونا وائرس (کووڈ-19 ) سے محفوظ رہنے کے لیے درجِ ذیل حفاظتی اقدامات کرنے چاہییں



اپنے چہرے، آنکھوں اور ناک کو غیر ضروری طور پر نہ چھوئیں کیونکہ اس سے وائرس منتقلی کا خدشہ بڑھتا ہے



کووڈ-19 کی ویکسین لگوانے کے لیے خود کو جلد از جلد رجسٹرڈ کروائیں اور ویکسین لگوانے سے پہلے اور بعد کی ہدایات پر عمل کریں



گھر سے باہر دوسروں سے 3 فٹ کا جسمانی فاصلہ رکھیں



دو یا دو سے زیادہ تہوں والا دھونے اور سانس لینے کے قابل کپڑے کا ماسک استعمال کریں ، یہ اطراف سے کھلا ہوا نہیں ہونا چاہیے



گھر سے باہر غیر ضروری سماجی روابط اور رش والی جگہوں پر جانے سے گریز کریں



اگرآپ بیمار ہو جائیں تو گھر پر رہیں اور اپنے طبی ماہر سے رابطہ کریں



خود کو اور اپنے ارد گرد کے ماحول کو صاف ستھرا رکھیں

(ذریعہ۔ عالمی ادارہ صحت، باورڈ ہیلتھ پبلشنگ، سی ڈی سی)

# ڪورونا وائرس
# اپڊيٽس

## پاڪستان 100 ملين ماڻهن کي ويڪسين لڳائڻ جو عمل عبور ڪري ورتو آهي.

منصوبابندي واري وفاقي وزير ۽ نيشنل ڪنٽرول اينڊ ڪمانڊ سينٽر (اين سي او سي) جي سربراه اسد عمر 6 مارچ تي اعلان ڪيو ته پاڪستان 100 ملين ماڻهن کي مڪمل ويڪسينيشن ڪري هڪ اهم سنگ ميل عبور ڪري ورتو آهي.

Asad Umar
@Asad_Umar

Major milestone reached in national vaccination drive. 100 million Pakistani's are now fully vaccinated. More than 127 million have recieved atleast one dose. We are very close to achieving vaccination of all eligible citizens

هن چيو ته پاڪستان تمام جلد پنهنجي پوري ملڪ ۾ ڪرونا وائرس کان بچاءُ جي ويڪسينيشن جو عمل مڪمل ڪندو. پاڪستان ۾ هن وقت لڳ ڀڳ 127 ملين ماڻهو پنهنجو پهريون دوز مڪمل ڪري چڪا آهن.

پاڪستان جي ويڪسينيشن مهم دنيا جي ڪامياب ترين مهمن مان هڪ آهي. اها ڳالهه ساراه جوڳي آهي ته پاڪستان عالمي سطح تي ويڪسين جي عدم دستيابي جي شروعاتي چئلينجن باوجود ويڪسينيشن مهم کي ڪامياب ۽ اثرائتو بڻايو آهي. نيشنل ڪمانڊ اينڊ ڪنٽرول سينٽر (NCOC) جي بهترين ڪوشش پاڪستان کي جلد ئي هن عالمي وبائي بحران مان ڪڍي ڇڏيو.

Source: Dawn News

## پاڪستان پاران گهر گهر ويڪسينيشن لاءِ 1300 ٽيمون عورتن جي اڳواڻي ۾ موڪلڻ جو بهترين خيال آيو.

پاڪستان نيشنل ڪمانڊ اينڊ ڪنٽرول سينٽر (اين سي او سي) ذريعي عورتن جي اڳواڻي ۾ ڪرونا ويڪسين نه لڳائڻ وارن ماڻهن جي لاءِ 1300 ٽيمون ميدان ۾ لاهي ڪري بهترين فيصلو ڪيو ويو آهي. هي ٽيمون 12 سالن جي عمر کان وڌيڪ وارن 12 ملين ماڻهن کي ڏکڻ سنڌ ۾ ويڪسينيشن لاءِ روانو ڪيو ويو آهي.



سنڌ حڪومت پاران 25 فيصد ماڻهن کي ويڪسين ڪرڻ لاءِ مهم شروع ڪئي وئي. هي مهم خاص طور تي انهن ماڻهن لاءِ شروع ڪئي جن کي اڃا تائين ويڪسين جي پهرين دوز ناهي لڳايو. گهر گهر ويڪسينشن مهم جو بنيادي مقصد انهن ماڻهن تي توجه جو مرڪز ڪرڻو هو جيڪي گهٽ پڙهيل ليکل آهن ۽ ڪرونا متعلق گهٽ ڄاڻ آهي.

ويڪسينيشن مهم دوران پاڪستان کي جنهن سڀ کان وڏي مسئلي کي منهن ڏيڻو پيو، اهو هو ته ڪورونا بابت مختلف افواهون ۽ غلط معلومات سبب ڪورونا جي ويڪسينيشن نه ٿيڻ. ڪرونا وائرس هڪ غير ملڪي بيماري آهي، ۽ خرافات ۽ ثقافتي پابنديون جهڙوڪ ويڪسين جي ناپائيداري ماڻهن کي ويڪسين کان محروم ڪن ٿا.

Source: npr




ورلڊ هيلٿ آرگنائيزيشن پاران ڪورونا وائرس کي وبا قرار ڏيڻ کان پوءِ فوري طور تي دنيا جي ملڪن ان کي منهن ڏيڻ لاءِ مختلف حڪمت عمليون ٺاهڻ شروع ڪيون.

دنيا جي اڪثر ملڪي حڪومتن ان کان بچاءُ لاءِ حڪمت عمليون اختيار ڪيون آهن، ڪورونا وائرس جي پکيڙ کي روڪڻ لاءِ سخت قدم کنيا ويا آهن. جيئن ته گهر ۾ رهڻ، سفر تي پابندي، غير ضروري ڪاروبار، اسڪول ۽ پيون عوامي جڳهون. گڏوگڏ عوامي صحت جهڙوڪ هٿ ڌوئڻ، جراثيم ڪش ڪرڻ، جهڙوڪ دوا استعمال ڪرڻ ۽ ماسڪ پائڻ جا مختلف قدم شامل آهن.

ڪجھ ملڪن هڪ ئي وقت اهي قدم کنيا، پر ٻين ملڪن مختلف وقتن تي ورتا.

ڪجھ ملڪن ۾ گهٽتائي ۽ وچڙندڙ حڪمت عمليون اختيار ڪيون ويون، پر مختلف ملڪن ۾ اها ڪا خاص ڪاميابي نه ملي. مختلف ملڪن طرفان اختيار ڪيل مختلف حڪمت عملين ۾ ڪورونا وائرس خلاف بچاءُ واري حڪمت عملي سڀ کان وڌيڪ اثرائتو ثابت ٿي آهي. چين، ڪوريا ۽ سنگاپور اها حڪمت عملي اختيار ڪئي ۽ عالمي وبا تي ضابطو آندو. سڄي دنيا ۾ سماجي فاصلن کي وڏي پيماني تي اپنائڻ سان ڪورونا وائرس جي ڪيسن کي گهٽائڻ ۾ مدد ملي آهي.



Source: who

# مان پنهنجي ٽيسٽ ڪاٿان ڪرائي سگهان ٿي/ سگهان ٿو؟

| | |
|---|---|
| اسلام آباد | **صحت جا قومي ادارا**<br>پارڪ روڊ ، چڪر شهزاد ، اسلام آباد |
| ڪراچي | **آغا خان يونيورسٽي اسپتال ،**<br>اسٽيڊيم روڊ ، ڪراچي ، سنڌ |
| حيدرآباد | **لياقت يونيورسٽي آف ميڊيڪل ۽ هيلٿ سائنسز (لمس) ،**<br>لبرٽي مارڪيٽ سرڪل ، ويجهو لياقت يونيورسٽي اسپتال ، حيدرآباد ، سنڌ |
| خيرپور | **گمبٽ انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز ،**<br>گمبٽ ، خيرپور ، سنڌ |
| پشاور | **حيات آباد ميڊيڪل ڪمپليڪس ،**<br>4 فيز 4 حيات آباد ، پشاور ، ڪي پي ڪي |
| مردان | **چغتائي ليب**<br>ويجهو الفيرز بينڪ ، مردان پوائنٽ ، شمسي روڊ ، مردان ، ڪي پي |
| هري پور | **ايسلز ليبز ،**<br>ٽي ايم اي پلازا دڪان نمبر 6 ، نزد گرلز ڊگري ڪاليج سرڪلر روڊ هريپور ، ڪي پي ڪي |
| لاهور | **شوڪت خانم ميموريل اسپتال ،**<br>7 اي بلاڪ آر. 3 ايم اي جوهر ٽائون ، لاهور ، پنجاب |
| ملتان | **نشتر اسپتال ،**<br>نشتر روڊ ، جسٽس حامد ڪالوني ، ملتان ، پنجاب |
| راولپنڊي | **آرمي فورسز انسٽيٽيوٽ آف پيٿولوجي**<br>رينج روڊ ، سي ايم ايچ ڪمپليڪس ، راولپنڊي , پنجاب |
| ڪوئٽه | **فاطمه جناح اسپتال**<br>بهادر آباد ، وحدت ڪالوني ، ڪوئٽه |
| مظفر آباد | **عباس انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز (اي ايم ايس)**<br>امبور ، مظفر آباد ، آزاد ڪشمير |
| گِلگِت | **ضلعي هيڊ ڪوارٽر اسپتال**<br>اسپتال روڊ ، گلگت ، جي بي |

وڌيڪ شهرن جي ڳولا ڪريوCOVID-19 صحت جو صلاحڪار پليٽ فارم
COVID-19 Health Advisory Platform

accountabilitylab PAKISTAN

CIVIC ACTION TEAMS